

## پنھنجي پاران:

مان سنگيتا سکواڻي سڀ کان پھرين ’پرنام‘ ٿي ڪريان پنھنجي ڀڳوان شري ستيہ سائين بابا کي‘ جن جي آسيس سان مان اڄ توھان اڳيان ڪجھہ لکي ٿي سگھان. ڇو جو اِھو منھنجو پورن وشواس آھي تہ سائين جي چاھہ يا اَڇا بنان ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿو ٿئي. ڪرتا درتا سڀ اُھو ئي آھي. اسان تہ بس ھن جي ھٿ جا ڪلونا آھيون. مونکي تمام گھڻو پريم ۽ سنيھہ آھي پنھنجي سائين لاءِ، شل سدا ھنن جو آشيرواد مون مٿان ھجي ۽ جيتري حياتي آھي سندن جي ڪرپا مون مٿان رھي ۽ مان سدائين ڪين پوڄيندي رھان.

مونکي لکڻ جو شوق تمام گھڻي عرصي کان ھو، پر ھميشھہ ھڪ ڊپ رھندو ھو تہ ڇا منھنجا ليکہ، منھنجون ڪويتائون عام کي پسند اِينديون؟ پر سچ پڇ ھڪ عجيب ڳالھہ پئي محسوس ڪئي تہ مان جڏھن بہ لکڻ ويھان تہ مونکي صرف ايترو سميہ لڳندو ھو جيترو وقت قلم سان اکر ڪاغذ تي اُتارڻ کي لڳندو آھي. سِچ پڇو تہ مونکي اِئين محسوس ٿيندو آھي تہ ٻن طريقن سان ڪجھہ بہ لکيو ويندو آھي. ”سچ يا ڪالپنڪ“منھنجي لکاوت بہ ٻن حصن ۾ ورھايل آھي. مان جيڪي بہ ڪويتائون لکيون آھن اُنھنجو ھڪ ھڪ اکر سچائيءَ جي قلم ۾ ٻڌل ھوندو آھي. پر مون سوچيو تہ ڇو نہ ڪي ڪھاڻيون لکان جيڪي ’ڪالپنڪ‘ ھجن. پر ڪوشش اھا ئي ڪئي آھي تہ سچيون لڳن ۽ جڏھن پاٺڪ پڙھن تہ ڪا نہ ڪا ڪھاڻي ڪنھن نہ ڪنھن کي ڪنھن جي ياد ڏياري ۽ ڪا بہ ڪھاڻي پاٺڪ اڌ ۾ نہ ڇڏي ۽ ضرور پڙھي پوري ڪري. پر سچ ۾ ڪا بہ ڪھاڻي ڪنھن جي بہ نجي زندگي سان ڪوبہ واسطو رکندڙ ڪونہ آھي.

بس ھر ڪھاڻي ”استري کي اُن جي شڪتيءَ کي ۽ سيتا کي ۽ پاور کي درشائي ٿي.“ منھنجي ھيءَ ننڍڙي پھل جا ھڪ گلدستو آھي. الڳہ الڳہ ڪھاڻين جو، جيڪو توھان سڀني پاٺڪن کي پسند ايندو. جيئن تہ ھيءَ ھڪ نئين ۽ پھرين شروعات آھي. شايد ڪي غلطيون بہ ٿيون ھجن. پنھنجي ٻالڪي سمجھي بخشيندا.

ھن پستڪ کان پھرين مون ڪي ليکہ پڻ لکيا آھن ۽ ڪي ڪويتائون بہ جيڪي ”ھندواسي“ اخبار ۾ شايع ٿيا آھن. مونکي سچ ۾ ھمٿ ڏيڻ وارن جا دل سان ٿورا ٿي مڃان. جن کي منھنجا ليک ۽ ڪويتائون پسند آيون. شايد تڏھن ئي ڪوشش ڪئي آھي ڪالپنڪ ڪھاڻين لکڻ جي.

مان شڪرگذار آھيان ان ستگروءَ جي جو مونکي ھڪ تمام سھڻي پريوار ۾ جنم مليو. ”ماسٽر رانجھن“ ھڪ پرسڌ ڪوي، ڳايڪ جيڪو ھند ۾ نہ پر دنيا ڀر ۾ پنھنجي ڪويتائن ذريعي مشھور آھي. ھنن جو پريچيہ ڏيڻ جڻ ”سورج اَڳيان ڏيئو ڏيکارڻ“ مونکي ياد آھي اَڄ بہ تہ سندن جي زندگيءَ ۾ ڪويتائن ۽

Book is published on internet by:
www.sindhigulab.com developed by: Dilip Tekchandani
World's 1st Sindhi internet magazine since 2001 in the service of Sindhyat
email: sindhigulab@gmail.com Cell: +91 - 9998112981

سنگيت جو سڀ کان اوچو آستان آهي. هنن گهٽي پريم سان منهنجو نالو ”سنگيتا“ رکيو يعني سنگيت مئہ ۽ منهنجي ڀيڻ جو نالو ”ڪويتا“ شايد هنن جا ڪجهہ عڪس اسان پنهنجي اندر اَڄ بہ محسوس ڪندا آهيون.

منهنجو ساڪشات پرنام آهي منهنجي ماتا پتا کي. جن مون ۾ سنا سنسڪار وڌا. مان هنن جي عمر ير آڀاري رهندس. منهنجو گرو منهنجو پتا جنهن مونکي دنياداري سيکاري. اَڄ مان جيڪا بہ آهيان اها سڀ سندن جي محنت ۽ سنسڪارن جي ڪري آهيان.

مان شڪر گذار آهيان سداحيات شري نند هندوجا ’آنند‘ جي جن مونکي هميشهہ ڪويتا لکڻ لاءِ همٿايو ۽ ساراهيو. مان شڪر گذار آهيان شري رميش نانڪاڻيءَ جي جن سدائين منهنجي همت افزائي ڪئي. مان شڪر گذار آهيان ديدي شوڀا رام لالچنداڻيءَ جي جن مونکي هميشهہ سهيوگ ڏنو ۽ پنهنجي اخبار ۾ منهنجا ليکہ ۽ ڪويتائن کي ڇپيون. مان سندن کي دل سان شڪر گذار ڪندس تہ هنن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي منهنجي هن ڪتاب کي پڙهي پروف ريڊنگ ڪري ڏنو ۽ غلطيون پڻ سڌاري ڏنيون. ۽ بہ اکر لکڻ لاءِ منظوري ڏني. مان دل سان شڪر گذار آهيان ان هر هڪ جي جن مونکي سمجهيو ۽ مونکي لکڻ لاءِ همٿايو.

سنگيتا سُکواڻي ’ڪومل‘

اوم سائين رام

Book is published on internet by:
www.sindhigulab.com developed by: Dilip Tekchandani
World’s 1st Sindhi internet magazine since 2001 in the service of Sindhyat
email: sindhigulab@gmail.com Cell: +91 - 9998112981